# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1980

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1980

# سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1980

# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1980

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1980

## سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1980

## THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[30 جون 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان، جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

ان تي هن ريت عمل ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين نومبر 1980 کان نافذ العمل هوندو.

1964 جي اولهہ

2. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾:

(a) دفعہ 13 ۾ لفظن، ڪامائن ۽ انگن "پهرين جولاءِ، 1964"

پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

کي ختم ڪيو ويندو.

(b) پنجين شيڊول لاءِ هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو:

"پنجون شيڊول (ڏسو دفعہ 13)"

1. هيٺين مقصدن لاءِ لائسنس ذريعي فراهم ڪيل توانائي جي صورت ۾:

| (1) | (2) |
|---|---|
| (a) گهريلو | توانائي جي اگهہ جي 6 سيڪڙو برابر |
| (b) آفيس يا ڪمرشل | توانائي جي اگهہ جي 4 سيڪڙو برابر |
| (c) صنعتي ڪم ڪار: | توانائي جي اگهہ جي 3.5 سيڪڙو برابر |
| (d) ٽيوب ويل ۽ آبپاشي ۽ زرعي مشينري | توانائي اگهہ جي 4 سيڪڙو برابر |
| (e) اهڙا علائقا جتي بجلي جي فراهمي بنا ميٽر ڪئي وڃي | توانائي جي اگهہ جي 5 سيڪڙو برابر |

2. هيٺين مقصدن لاءِ توانائي لائسنس کانسواءِ فراهم ڪئي وڃڻ جي صورت ۾:

| | |
|---|---|
| (i) گهريلو | توانائي جي في يونٽ تي 2 پئسا |
| (ii) آفيس يا ڪمرشل | توانائي جي في يونٽ تي 2 پئسا |

| | | |
|---|---|---|
| (iii) | صنعتي ڪم ڪار | توانائي جي في يونٽ تي 3 پئسا |
| (iv) | ٽيوب ويل ۽ آبپاشي ۽ زرعي مشينري | توانائي جي في يونٽ تي 1.5 پئسا |

وضاحت: اهڙا علائقا جيڪي سمورا يا اصولي طور تي جوڙجڪ جي عمل لاءِ استعمال ٿين ٿا، جيڪي فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 جي دفعہ 2 جي هيٺ اچن ٿا، اهي صنعتي مقصد هيٺ استعمال ٿيندڙ سمجهيا ويندا.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**